SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XV مجريه 2011

SINDH ORDINANCE NO.XV OF 2011

سنڌ آبپاشي (ترميم) آرڊيننس، 2011

THE SINDH IRRIGATION (AMENDMENT) ORDINANCE, 2011

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 1879 جي سنڌ ايڪٽ نمبر VII ۾ نئين دفعہ 62–C جي داخلا
Insertion of new Section 62 –C in Sindh Act No. VII of 1879

سنڌ آرڊيننس نمبر XV مجريہ 2011

SINDH ORDINANCE NO.XV OF 2011

سنڌ آبپاشي (ترميم) آرڊيننس، 2011

THE SINDH IRRIGATION (AMENDMENT) ORDINANCE, 2011

[26 نومبر، 2011]

تمهيد (Preamble)

آرڊيننس جنهن جي ذريعي سنڌ آبپاشي ايڪٽ، 1879 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

جيئن ته سنڌ آبپاشي ايڪٽ، 1879 ۾ ترميم ڪرڻ مقصود آهي. جنهن کي هن طرح عمل ۾ آندو ويندو؛

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي ته موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان 1973 جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هينيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات Short title and

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ آبپاشي (ترميم) آرڊيننس، 2011 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

commencement

2. سنڌ آبپاشي ايڪٽ 1879 ۾ دفعہ 62_B کانپوءِ هي نئين دفعہ شامل ڪئي ويندي.

"62_C (1) ڪنهن بہ اختيار يا ڪنهن ليز يا ڪنهن بہ شخص جي حق ۾ ڪنهن عدالت جي فيصلي يا فرمان جي باوجود زمين يا وڻ مينهن جي پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ مقرر ڪيل قدرتي يا مصنوعي ڊپريشن ڪورسز جي سرڪاري زمين ۾هر شروع ڪئي ويندي اهڙي مقصد جي لاءِ خاص طور تي استعمال ڪيو ويندو آهي.

1879 جي سنڌ ايڪٽ نمبر VII ۾ نئين دفعہ 62 –C جي داخلا

Insertion of new Section 62 –C in Sindh Act No. VII of 1879

(2) ذيلي دفعہ (1) ۾ ڄاڻايل سرڪاري ايراضي تي قبضي ڪرڻ وارو ڪو بہ شخص هن جي شروع ٿيڻ جي ستن ڏينهن جي اندر اها زمين خالي ڪري ڇڏيندا.

(3) جيڪو هيٺ ڄاڻايل دفعہ (2) جي تحت ضرورت جي مطابق زمين خالي ڪرڻ ۾ ناڪام ٿيو ان کي قيد واري سزا ڏني ويندي جيڪا ڏهن سالن تائين ٿي سگهي ٿي ۽ ڏنڊ ادا ڪرڻ جو ذميوار هوندو جيڪو ڏهہ لک روپيا تائين ٿي سگهي ٿو.

بشرطيڪ هن هيٺ ڄاڻايل دفعہ جي تحت ناقابل سزا ڏوهہ جي برابر هوندو.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.